دليل ڪوٽ/ دهليل جو قلعو

قريشي حامد علي خانائي

قديم زماني جا ڪيترائي مشهور، پررونق ۽ وسندڙ شهر ۽ قلعا اڄ پنهنجي پراڻي عظمت وڃائي چڪا آهن . سنڌ جي انهن قديم آثارن مان اهو صاف طرح سان ظاهر ٿئي ٿو تہ اڳئين زماني ۾ سنڌ جي اهم ۽ مکيہ مرڪزن تي مضبوط قلعا ۽ ڪوٽ ٻڌل هئا، جن تاريخ جا ڪيترائي وڏا وڏا انقلاب ڏٺا . اهڙن ڪيترن اوائلي شهرن ۽ قلعن جو احوال ملڻ ئي محال ٿي پيو آهي، ايتريقدر جو زماني جي لاهين چاڙهين انهن جي اصلي نالن ۾ پڻ ڪافي ڦيرو آڻي ڇڏيو آهي.

سنڌ جي نقشي تي نظر ڦيرائڻ سان اهو چڱيءَ طرح سان معلوم ٿئي ٿو تہ پراڻي زماني ۾ اهي مرڪزي شهر، قلعا ۽ ڪوٽ وغيره اڪثر سنڌو درياهہ ۽ ان مان نڪرندڙ شاخن جي ڪنارن ۽ ڪنڌين تي اڏيل ۽ آباد هوندا هئا . ڪشمير کان ڪيٽي بندر تائين اهڙا سوين قديم آثار ۽ نشان ملن ٿا، جن مان ان ڳالهہ جي پوريءَ طرح سان تصديق ٿئي ٿي.

اھڙن آڳاٽن قلعن ۾ ڪ وڏن مان "دھليل جو قلعو" يعني "دليل ڪوٽ" قديم زماني ۾ سنڌو درياھ مان نڪرندڙ شاخ "ھاڪڙي درياھ" جي ڪپ تي ڏڪڻ اوڀر ۾ تعمير ڪيل ھو ۽ اڄ تائين اھو قلعو قائم آھي. "دھليل جو قلعو" يعني "دليل ڪوٽ" جو اھو قديم قلعو موجوده دور ۾ نوابشاھ شھر ڪان سڪرنڊ ڏانھن ويندڙ ر ستي جي ساڄي ھٿ تي اتر اولھ جي ڪنڊ تي واقع آھي. اھو قلعو نوابشاھ ڪان يارنھن ميل پري ۽ سڪرنڊ شھر ڪان ٽن ميلن جي فاصلي تي آھي . انھيءَ قلعي جي سامھون "سڪپور" جي پرسان سنڌ جي قديم تاريخي شھر "چنھو جي دڙي" جا قديم آثار آھن. خود ان قديم شھر جي باري ۾ ماھرن جو ر ايو آھي تہ چنھو جي دڙي وارو شھر "ھاڪڙي درياھ" جي ڪناري تي آباد ھو ۽ اھو ھاڪڙي جي تھذيب ۽ تمدن جو نشان آھي(1).

ھن موجوده دور ۾ اھو قلعو "دليل ڪوٽ" جي نالي سان سڃاڻ ۾ اچي ٿو. ھن قديم قلعي جي پرسان انھيءَ قديم "ھاڪڙي درياھ" جا نشان ڍوري جي صورت ۾ اڄ تائين م وجود آھن : دراصل تاريخي لحاظ ڪان ھي دھليل جي قلعي جا پراڻا نشان آھن. فوجي اھميت ڪان ھيءُ قلعو نھايت ئي اھم ھو . سنڌ جي تختگاھ "الور" ۽ "برھمڻ آباد" جي وچ ۾ بچاءُ واري لحاظ ڪان

هڪ مضبوط فوجي چوڪي هئي . واپاري اعتبار ڪان هي "هاڪڙي درياهہ" جو مشهور پتڻ هو.

ليڪن افسوس آهي تہ هن پراڻي ۽ تاريخي قلعي جو احوال هن وقت تائين سنڌ جي ڪنهن بہ مؤرخ نہ ڏنو آهي . "تاريخ معصومي"، "تاريخ طاهري"، "تحفتہ الڪرام" ۽ سنڌ جون ٻيون تاريخون اڪثر هن قلعي جي احوال ڪان وانجيهل نظر اچن ٿيون، نتيجي طور هن قلعي جي پراڻي تاريخ پوئين زماني جي مختلف روايتن ۾ ڏند ڪٿائن جي رءُ ۾ لٽ ۾ ڍڪجي پئي وڃي ۽ اسان جي ماضيءَ جي تاريخ جو هي اهم باب آهستي آهستي اسان جي اکين ڪان هميشہ لاءِ اوجهل ٿيندو پيو وڃي، ايتريقدر جو هن قلعي جو اصلي نالو پڻ تبديل ٿي چڪو آهي ۽ هاڻي "دهليل" مان ڦري "دليل ڪوٽ" پيو سڏجڻ ۾ اچي.





دليل ڪوٽ جو ڳجهو دروازو



دليل ڪوٽ جو هڪ ٻاهريون ڏيک

"چچنامي" وارو صاحب هن قلعي جي باري ۾ لکي ٿو

ته:

"محمد بن قاسم برهمڻ آباد جي فتح ڪرڻ جو پڪو ارادو ڪيو ۽ اهو شهر آباد ۽ سندس ملڪ ڪشادو ۽ سرسبز هو . "راوڙ" ۽ "برهمڻ آباد" جي وچ ۾ ٻه قلعا هئا، جن مان هڪ کي "بهرور" ۽ ٻئي کي "دهليل" سڏيندا ه ئا. انهن قلعن ۾ اٽڪل (2) سورنهن هزار جنگي سپاهي هئا. محمد بن قاسم اتي پهچي ٻن مهينن تائين گهيرو ڪيو. "بهرور" جي فتح کان پوءِ جڏهن اها خبر "دهليل" وارن کي پهتي ۽ اها ٻه خبر پين ته محمد بن قاسم فوج سان هن طرف اچي رهيو آهي ته "دهليل" جي قلعي ۾ رهندڙ واپاري هندستا ن طرف هليا ويا ۽ باقي جنگي سپاهي قلعي ۾ لڙائيءَ لاءِ تيار ٿي ويٺا . اٽڪل ٻن مهينن تائين قلعي جو گهيرو رهيو. نيٺ قلعي وارن تنگ ٿي، ڪفن پهري، خوشبوءِ مکي، قلعي جي ان دروازي وٽ ٻارن ۽ ٻچن کي موڪليو، جنهن جو رخ ريگستان ڏانهن هو."(3)

"چچنامي" جي انهيءَ بيان مان اهو ظاهر ٿئي ٿو ته "دهليل" جي قلعي جي دروازي جي رخ ريگستان جي طرف هو، جنهن مان اها ڳالهه واضح ٿئي ٿي ته اڄڪين وقت ۾ موجوده بابشاهه شهر جي

ايرندي طرف ريگستاني علائقو هو. هن دور ۾ نوابشاهہ شهر جي اوڀر ۾ "ست ميل" شهر کان "نصرت واهہ" جي اوڀر ۾ واريا سو علائقو ڏسڻ ۾ اچي ٿو. اسان جي تحقيق موجب واقعي قديم دور ۾ اهو ريگستاني علائقو هن قلعي جي سامهون هو.

هن قلعي جي فوجي اهميت جي باري ۾ مولائي شيدائي لکي ٿو تہ:

"سنڌ جي راجا ڏاهر جي قتل ٿيڻ کان پوءِ سندس پٽ جئسينہ هہ وٽ محمد علافي سميت پندرنهن هزار لشڪر هو . پنهي کي وزير سيساگر برهمڻ آباد جي قلعي طرف وڃڻ لاءِ مشورو ڏنو، جتي بي شمار خزانو پڻ موجود هو . الور ۽ برهمڻ آباد جي وچ ۾ "دهليل" جي حاڪم نيويہ پٽ ڏاران، (4) وٽ سورنهن هزار لشڪر ساڻ هو، ۽ محمد بن قاسم سان بهادريءَ سان وڙهيو ۽ آخر شڪست کاڌائين."(5)

انهيءَ سموري تاريخي واقع ي کي سيد ابوظفر ندوي وري هن طرح بيان ڪري ٿو تہ:

"ماهہ شوال سن 93هہ ۾ محمد بن قاسم برهمڻ آباد جي طرف پيش قدمي شروع ڪئي . رستي ۾ بہ مضبوط قلعا هئا، هڪ "دهليل" ۽ ٻيو "بهرور". هر قلعي ۾ ڇهہ هزار فوج جمع هئي . انهن قلعن جي فتح کان اڳ ۾ برهمڻ آباد کي فتح ڪرڻ ڏکيو

ڪم هو، انهيءَ ڪري سڀ ڪان پهرئين "ٻهرور" جي قلعي کي فتح ڪيو ويو. "دهليل" وارن کي جڏهن اهو معلوم ٿيو ته هتي جا سڀ واپاري قلعو ڇڏي پڇي هليا ويا .... ۽ صرف فوج مقابلي لاءِ رهي. سن 93هه ۾ ٻن مهينن تائين محمد بن قاسم قلعي جو گهيرو ڪيو ۽ آخر ۾ ماڻهو .... قلعي جي سا مهون دروازي کان نڪري نهر پار ڪري هليا ويا."(6 ۽ 7)

"دهليل" جي قلعي جي فتح ٿيڻ کان پوءِ ذڪر ڪندي سيد ابو ظفر ندوي هن طرح لکي ٿو ته:

"جمادي الاول سن 94هه ۾ عرب فوج برهمڻ آباد جي طرف ڪوچ ڪيو ۽ دهليل جي فتح کان پوءِ ڏاران جي پٽ نوبيه کي اتان جو ناظم مقرر ڪيو و يو. دهليل جي قلعي سان گڏ هن جي آسپاس وارو ٻيو علائقو هن جي حوالي ڪيو ويو، جنهن کي "دوهاٽيه" ڪري چون ٿا ۽ ان جي حد برهمڻ آباد کان ٽن ميلن تائين هئي. دهليل جي قلعي مان محمد بن قاسم کي تمام وڏي دولت هٿ آئي هئي، جنهن جو پنجون حصو هن خليفي ڏانهن عراق موڪليو هو."(8)

انهن مٿين سڀني تاريخي بيانن مان اهو ظاهر ٿئي ٿو ته "دهليل جو قلعو" ان قديم دور ۾ فوجي لحاظ کان وڏو اهم هو ۽ برهمڻ آباد جي فتح ڪرڻ جو پهريون دروازو هو . ساڳئي وقت اهو به

ثابت ٿئي ٿو تہ هتان جا رهندڙ اڪثر ڪري واپاري هئا ۽ هتان جو واپار درياهہ ۽ خشڪي رستي هندستان ۽ ڏيساورن سان هلندو هو. انهيءَ ڪان سواءِ اسان مٿي اهو بہ بيان ڪيو آهي تہ "دهليل جو قلعو" سنڌو درياهہ جي هڪ شاخ "هاڪڙي درياهہ" جي ڪناري تي تعمير ڪيل هو.

تاريخي لحاظ کان موجوده روهڙي شهر جي اتر کان سنڌو درياهہ مان هڪ شاخ ڦٽي نڪرندي هئي، جا "هاڪڙي درياهہ" جي نالي سان سڏبي هئي ۽ سنڌو درياهہ خود اهو ئي هو، جو هن وقت تائين پنهنجي ساڳئي موجوده وهڪري سان وهندو رهي ٿو . اهو "هاڪڙو درياهہ" هن قلعي جي پرسان وهندو هو .(9) محترم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي تحقيق جي روشنيءَ ۾ بہ اهو بلڪل صاف ظاهر ٿئي ٿو تہ "دهليل" جو اهو ئي قلعو آهي، جو هن وقت "دليل ڪوٽ" سڏجڻ ۾ اچي ٿو. جاگرافيائي حالتون پڻ اهو ثابت ڪن ٿيون.

"چچنامي" ۾ بيان ٿيل "جلوالي"(10) نالي هڪ نهر جو ذڪر اچي ٿو، جا سنڌو درياهہ مان نڪرندي هئي ۽ "دهليل" جي قلعي جي ويجهو لنگهندي هئي . ان نهر جي باري ۾ ڊاڪٽر بلوچ صاحب جو قول آهي تہ:

"جلوالي جي نهر، برهمڻ آباد جي اوڀر ۾ وهندي هئي ۽ غالباً اها ئي نهر آهي، جنهن جي ڪناري تي محمد بن قاسم فوجي ڇانوڻي قائم ڪئي هئي . هي جلواليءَ جو قديم نالو، ڇراڙي، جراري، زماني جي حالتن موجب ڦرندو رهيو . ڇراڙي جو ڳوٺ ۽ ديهه (شهدادپور کان اٽڪل ڏهن ميلن تي اڀرندي طرف) آهي. اڄ به انهيءَ ڍوري جا نشان موجود آهن."(11)

جنرل هيگ صاحب (1877ع) "جلوالي نهر " ۽ ان جي جاگرافيائي حالت جو ذڪر ڪندي چوي ٿو ته:

"هيءُ نهر موجوده سڪرنڊ شهر کان ڏهه ميل اڀرندي طرف ڪلري وٽان درياهه مان نڪري، هيٺ منصوره جي اولهه کان وهندي هئي ۽ وري منصوره کان ڏهه ميل ڏکڻ اولهه طرف کان اچي ساڳئي درياهه ۾ داخل ٿيندي هئي. هن نهر جي ڊيگهه 50 ميل کن هئي."(12)

موجوده دور جي مورخن ۽ جاگرافيدانن مان الدين شمس قريشي هن قلعي جي باري ۾ صاف لفظن ۾ هن طرح سان بيان ڪري ٿو ته:

"ابن حوقل "هاڪڙي درياهه " جي وهڪري جي الهندي طرف "اروڙ" جو شهر ۽ "سدوسان" جو شهر ڏيکاريو آهي . اهو حصو نوابشاهه ضلعي جي اڀرندي وارو حصو ناري تائين ٿئي ٿو . هن

حصي ۾ "مير رڪن جو دڙو"، دولتپور کان اٺن ميلن تي هڪ قديم ٿُلهہ آهي . انهيءَ "هاڪڙي درياھ" جي ڪناري تي "سڏوجن وارو ڪچو قلعو" (13) ۽ "نوابشاھ ۾ سڪرنڊ وارو ڪچو قلعو" (دليل ڪوٽ) قديم قلعن جا نشان آهن."(14)

"منصوره" جي سيمينار جي موقعي تي محترم "معمور" يوسفاڻيءَ "دهليلہ" جي باري ۾ زباني تقرير ۾ فرمايو هو تہ اهو قلعو ٿرپارڪر ضلعي ۾ آهي . "معمور" صاحب جو اهو خيال صحيح نہ آهي. اسان جي سنڌ ۾ جيئن "دلوراءَ جي ننگري" جي باري ۾ مختلف نالا ۽ روايتون آهن، تنهن وانگر "دهليل" جي باري ۾ پڻ انهيءَ طرح جون روايتون هونديون . باقي تاريخي حقيقتن ۽ شاهدين جي بنيادن تي "دهليل" جو انهيءَ طرف هجڻ بعيد آهي.

انهن قديم تاريخي ۽ جاگرافيائي اهڃاڻن ۽ نشانن کي ڏسندي، ان ڳالهہ جي پوري تصديق ٿئي ٿي تہ هيءُ قديم "دهليل جو قلعو" آهي، جو هاڻي "دليل ڪوٽ" جي نالي سان سڏجڻ ۾ اچي ٿو. مٿئين سموري بحث کان پوءِ اسان ان نتيجي تي پهچون ٿا تہ "دليل ڪوٽ" قديم سنڌو درياھ جي شاخ "هاڪڙي" تي آباد ڪيل هو ۽ هيءُ قلعو "هاڪڙي" جي تهذيب ۽ تمدن جو نشان آهي.

هاڻي سوال پيدا ٿئي ٿو تہ هن قلعي جو پراڻو نالو "دهليل" ڪيئن ۽ ڪهڙي نموني ۾ ڦري "دليل" ٿي پيو. ان باري ۾ ڪيتريون ئي مختلف مقامي روايتون آهن. ڪن جو رايو آهي تہ هيءُ قلعو "مير دليل خان" تعمير ڪرايو هو ۽ هو ٽالپرن جو نواب هو. ڪي راوي چون ٿا تہ ٽالپرن جي زماني ۾ "دليل خان مگسيءَ" هيءُ ڪوٽ ٻڌايو هو. ليڪن تاريخي اعتبار کان انهن ٻنهي روايتن ۾ ڪا بہ صداقت ڪا نہ ٿي ڏسڻ ۾ اچي. انهن ٻنهي نالن سان ٽالپوري دور ۾ ڪو بہ حاڪم، نواب يا ڪارائو ڪو نہ ٿو ملي، اهي محض مقامي قياس آرايون آهن.

مشهور مؤرخ بلاذري "فتوح البلدان" ۾ "دهليلہ" نالو لکيو آهي ۽ اها ساڳي پڙهڻي پوءِ جي تاريخدانن پڻ قائم رکي آهي. وقت گذرندي مقامي سنڌي لهجي ۾ اهو ڦري "دليل" ٿي پيو ٿو ڏسجي. "دهليل" جي نالي مان "ه" حذف ٿي ويئي آهي، يعني "دهليل"_"ه"="دليل".

ٽالپرن جي دوُر ۾ فوجي اهميت سبب مير نور محمد خان ٽالپر (سن 1249ھ_1833ع کان سن 1256ھ_1840ع) هن قلعي جي نئين سر مرمت ڪرائي هئي. قلعي جي پيتين ۾ ڪيڙ جو ڪاٺ استعمال ڪيو ويو آهي ۽ ڪچي مٽي ڪتب آندي ويئي آهي. قلعي جي ديوار ايتري ڪشادي آهي جو بہ بيل

گاڏيون مٿس آسانيءَ سان هلي سگهن ٿيون. سموري قلعي جي ايراضي سوا نوَن ايڪڙن ۾ آهي. هن وقت ۾ ميان محمد صديق ملاح ۽ ميان ڏٽي بخش ملاح وارن جا قلعي اندر گهر آهن ۽ اهي هن وقت قلعي جا مالڪ آهن.

حوالا ۽ واڌارا

(1) "چنهوءَ جو دڙو " نوابشاهه ضلعي ۾ سڪپور اسٽيشن کان ڏيڍ ميل کن جي مفاصلي تي آهي . هن دڙي کي سن 1946 ع ۾ قديم آثار وارن کاٽايو هو . آڳاٽي دؤر ۾ هيءُ شهر "هاڪڙي درياهه" جي ڪنڌيءَ تي ٻڌل هو. هن دڙي جا قديم کنڊرات اهو ثابت ڪن ٿا ته هن ش هر جي قديم تهذيب، "موهن جي دڙي" واري تهذيب کان به آڳاٽي هئي . هيءُ دڙو "چنهو" جي نالي سان سڏجي ٿو. شايد اڳئين زماني ۾ "چنهو" نالي ڪو راجا هن شهر تي راڄ ڪندو هو.
(وڌيڪ ڏسو (الف) سوامي دوارڪا : "سنڌ جي قديم سڀيتا "،
(ب) ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي : "هاڪڙو درياهه" (مقالو) ڪتاب "اُتا مينهن ملير"، 1975 ع).

(2) "بهرور" جو قلعو، جنهن جو ذڪر "چچنامي" واري صاحب ڪيو آهي، اهو پڻ سنڌ جو هڪ پراڻو قلعو آهي . اسان ڪي ان باري ۾ تحقيق ڪندي واضح ثبوتن سان اهو معلوم ٿيو آهي ته "بهرور" جو اهو قديم قلعو هن وقت ڪنڊرات جي صورت ۾ نوابشاه ه تعلقي ۾ "ٻانڊي" شهر جي ڏکڻ ۾ آمر جي ڪئنال جي ڀرسان موجود آهي، جيڪو هن موجوده دور ۾ "ٻهم جو دڙو" يا "ڳاڙهو ڀڙو" جي نالي سان سڏجي ٿو . انهن ڪنڊرن کي ڏسڻ کان پوءِ اهو چئي سگهجي ٿو ته هيءُ قلعو واقعي "دهليل جي قلعي" جي اتر ۾ هو ۽ برهمڻ آباد جي فتح کان اڳ محمد بن قاسم ان کي فتح ڪيو هو . ان قلعي جي باري ۾ اسان جو هڪ مضمون، مهراڻ جي گذشته اشاعت، نمبر 3، سال 1985 ع ۾، شايع ٿي چڪو آهي.

(3) مخدوم امير احمد : "چچنامو" (سنڌي)، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1966 ع، ص 88_287.

(4) "چچنامي" ۾ "دهليل" جي حاڪم جو نالو "ڪلابي جو پٽ حنظله" لکيو ويو آهي . شايد "ذاران" جي پٽ "نبويه" جي مٿان اهو عرب نگران حاڪم هو.

(5) مولائي شيدائي، رحيمداد خان : "جنت السنڌ"، سنڌي ادبي بورڊ، حيدراباد 1958 ع، ص 10_18.

(6) ان قلعي جي حاڪم ”ديوراج“ هو، جو ڏاهر جو سوٽ هو. ڏسو ”چچنامو“ (سنڌي) ص 288.

(7) سيد ابو ظفر ندوي : ”تاريخ سنڌ “ (اردو)، اعظم ڳڙهه، ص 82_83.

(8) ساڳيو ص 84.

(9) قريشي شمس الدين: ”آئينہ قديم سنڌ“، آر_ايچ_احمد ائنڊ برادرس حيدرآباد، 1956 ع، ص 191.

(10) جلالي، جلواڻي ۽ هاڻي جلالاڻي شاخ سڪرنڊ جي پرسان ٻن ميلن تي آهي . قومي شاهراهه جي پرسان ”ذاڪري پير“ جي اتر ۾ واقع هن شاخ جو ڍورو رستي ڪان پاري ڪري ٿو . ڪجهه ورهيہ اڳ روهڙي ڪئنال کي ڪَنڊُ پيو هو تہ پاڻي اهو رستو ڏيئي، دليل ڪوٽ جي هيٺان پراڻي درياهه جو ڍورو پار ڪري اچ جلالاڻي شاخ ۾ پيو هو.

(11) بلوچ: ڊاڪٽر نبي بخش خان : ”چچنامو“ (تعليقات)، ص 494_95.

(12) جنرل هيگ: ”انڊس ڊيلٽا ڪنٽري“، ص 135.

(13) ساهتي پرڳڻي جي موري تعلقي ۾ هيءُ سنڌ جو پراڻو قلعو قائم آهي. هن قلعي کي ”سرٽيءَ جو ڪوٽ“ بہ چوندا آهن. هيءُ قلعو/ڪوٽ پڻ ”دليل ڪوٽ“ وانگر ڪچي مٽيءَ جو ٺهيل

آهي. هن ڪوٽ جي ڪل ايراضي 6 ايڪڙ آهي. سڏوجن جو قلعو دولتپور صفن کان 25 ميل ۽ موري شهر کان 5 ميل پري آهي. هن قلعي ۾ ستن جوڳين جون قبرون آهن . چون ٿا تہ اهي جوڳي قلعي مان پوريل ڏَنَ ڪڍڻ آيا هئا ۽ خزاني جي محافظ ڪاري نانگ کين اجل جو شڪار بڻايو ! روايت آهي تہ هتان درياهہ وهندڙ هو. "سرٽيءَ" نالي هڪ ميربحر عورت وڏي واڪ مڇيءَ جو هوڪو ڏيندي هئي . ڪن جو رايو آهي تہ "سڏو" نالي هڪ بهڻ قوم جو جاگيردار هو، جنهن جي نالي پوئتان هيءُ ڪوٽ سڏجڻ ۾ اچي ٿو . اگر حياتي مستعار رهي تہ هن قلعي جو سير حاصل احوال سنڌ وارن جي اڳيان پيش ڪندس.

(14) قريشي شمس الدين: "آئينہ قديم سنڌ"، 209.

نوٽ : هيءَ مضمون مهراڻ رسالي جي 1985ع جي جلد ٽيون ۾ ڇپيو هو.